


www.bhutto.org



منهنجي امڙ
هميشه چوندي هئي ته،
جمهوريت ئي
بهترين پلاند آهي.

-بلاول ڀٽو زرداري

www.bhutto.org



اوهان ماڻهوءَ کي،
قيد تہ ڪري سگهو ٿا پر،
سندس خيالن ۽ خوابن کي،
ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهو.

اوهان ماڻهوءَ کي،
جلاوطن تہ ڪري سگهو ٿا پر،
سندس خيالن ۽ خوابن کي
ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهو.

اوهان ماڻهوءَ کي
ماري تہ سگهو ٿا پر،
سندس خيالن ۽ خوابن کي
ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهو.

-بينظير ڀٽو

www.bhutto.org

# شهيد بينظير ڀٽو

## جون لکڻيون

## دهشتگرد، ڊڪٽيٽر ۽ جنرل

(ليکچر، مضمون ۽ انٽرويوز)



سهيڙيندڙ:

**ماهين هيسباڻي**

**نئون نياپو اڪيڊمي**

سچل ڳوٺ ڪراچي، سنڌ.

www.bhutto.org



سکن واري سڌ، متان کو مون سين کري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندئون.

# نئون نياپو

ڪتاب جو نالو: جنرل، ڊڪٽيٽر ۽ دهشتگرد
ليکڪ: بينظير ڀٽو
سهيڙيندڙ: ماهين هيسباڻي
ٽائيٽل ڊزائين: مجاهد ميمڻ
ڇپجڻ جي تاريخ: فيبروري 2008
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سچل ڳوٺ ڪراچي
Cell # 0346-2103811

RS: 120/=

www.bhutto.org



ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏئا،
ٻارا ڪند هٿن ۾، اڙل وڇيرا هيٺ،
ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين مهٽو.

ارپنا

سنڌ جي شهيدن

جي نانءُ

ماهين هيسباڻي

www.bhutto.org




www.bhutto.org

# سٽاءُ


پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي 9
سهيڙيندڙ جو نوٽ: ماهين هيسباڻي 11
- جدوجهد ۽ رڳو جدوجهد 16
- آمريت سان ڊيل نہ پئي ڪيان... 19
- هڪ نئين سفر جو آغاز.. 23
- ”مارشل لا“ دوران ٿيندڙ چوندبون
شفاف ڪيئن هونديون!؟ 25
- جڏهن مان پاڪستان ايندس... 28
- حملن جون ڌمڪيون ۽ چوندبُ مهم جو ڪلچر 32
- منهنجي مٿان حملو ڇو ٿيو!؟ 35
- ميثاق جمهوريت تي عمل سان ئي
حقيقي جمهوريت ممڪن آهي! 38
- انتقام لاءِ وقت ناهي !!! 42
- حڪومت پاور شيئرنگ لاءِ
پئڪيج پيش ڪري 48
- اسلام جي باري ۾... 55
- جمهوريت جي رستي 58
- سنڌ ۾ احساس محرومي!!! 66
- جمهوريت ئي، دهشتگرديءَ کي
ختم ڪري سگهي ٿي 74


www.bhutto.org



سَڏائِتي سَيَڪا، ٻُڪَ نہ ٻاسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي جُنبَشِ ڪانہِ جا،
مون سين هلي سا، جا جيءَ مِٺو نہ ڪري.

www.bhutto.org



کونڌر ڪُنا ڳس تي، واهيري جي ويرَ،
پَٽيءَ پَسيم تن جا، رَتَ ۾ ريتا پير،
سنوان ڪيئون سير، پاڻ ڪُهائي پنڌ ۾.

## پبلشر جو نوٽ:

شهيد بينظير ڀٽو جون مختلف وقتن ۾ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل هي لکڻيون ڪتابي صورت ۾ پڙهيون ڪندي سچ ته ائين ٿو لڳي ڄڻ ته اسان شهيد بينظير ڀٽو جي ياد ۾ اٽڪيا ڏيئا ٻاري ڇڏيا هجن...

دل خوشيءَ مان ڀرجي وئي آهي ۽ اهو ويچار ته اسان هُن کي ڪڏهن به وسرڻ نه ڏينداسين. هوءَ به هميشه ماڻن ڀائي، ڀاڳهل ڀائي ۽ مائي بختارو جيان اسان جي ساهن سان ڀٽ هوندي...

ڀلا ڪير ڪافر هيڏي وڏي اُچي شخصيت کي دل تان لاهڻ يا وسارڻ چاهيندو...

هوءَ جا ڀنهنجي رتُ ڏئي هِن ڌرتيءَ جي ريت نيائي وئي، هوءَ جا ماروئڙن جا لتل منهن ڏسي اُباٽڪائيءَ مان وقت جي آمر/جابر



www.bhutto.org

جا ڪڙا ڪيل سڀ بند ۽ سَنگهرون ٽوڙي اچي پنهنجن مارن ساڻ ملي هئي، هوءَ جا وڏي واڪي چوندي هئي ته، هيءَ ساهه ته ڇا سَوَ ساهه به گهوري ڇڏينديس....

۽ هُن ائين ڪري به ڏيکاريو، پنهنجي ابي جيان هُن به آڻ نه مڃي ۽ وڃي شهيدن جي ويڙهي نڪتي...

سنڌ هميشه هِن پاڳ پري ۽ گهٽگهري عورت کي هيئين سان هنڊائي رکندي ۽ سندس شهادت قرباني سنڌين لاءِ پاٽ انڌيري ۾ هڪ لاٽ جيان رهندي.

۽ هنن لکڻين جي سهيڙ ۽ چنڊڇاڻ جو ڪم جيئن مانواري ماهين هيسباڻيءَ پيار مان ترت ڪري ڏيکاريو تنهن لاءِ ڪيس جس نه ڏيڻ ڪنجوسي ٿيندي...

۽ ڪتاب جي پروفن پڙهي ڏيڻ لاءِ مانواري انيس دايو جا به ٿورا ۽ سليم انور عباسيءَ جا به...

انعام عباسي

چيئرمين

نئون نياپو اڪيڊمي



www.bhutto.org



سهيڙيندڙ جو نوٽ:

## هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين،
## آڏي ڍال مَرِدار

هونءَ تہ انسان ڪڏهوڪو هن ڌرتيءَ تان ميسارجي چڪو هجي ها، جي هر دور ۾ ڪي نيڪ ۽ عظيم انسان نہ ڄمندا رهن ها...

ڇوجو انسانيت جو سرمايو، رڳو انسانيت ۾ جنم وٺندڙ عظيم ۽ سچا انسان ئي آهن.

پر چيو وڃي ٿو تہ، ”مذهب ۽ سياست جي ميدان ۾ ڪنهن ڪي بہ عظيم ۽ سٺو انسان ڇوڻ تمام گهٽو ڏکيو ٿي پوندو آهي...

پر اسانکي اهو بہ ڪڏهن نہ وسارڻ گهرجي تہ، جيئن پنج آڱريون برابر ناهن هونديون تيئن، مڙوئي سياستدان هڪ جهڙا ناهن هوندا.

جيئن شهيد راڻيءَ جو اعزاز ماڻيندڙ مانواري بينظير ڀٽو، جيڪا سياستدان تہ ضرور هئي پر هوءَ مهان پڻ هئي، ڇوجو هوءَ انسان جي اعليٰ آدرشن ۽ بلند خيالن ۾ ويساهہ رکندڙ هئي، هُن هميشہ ڪوڙ ڪپت ننديون



www.bhutto.org







www.bhutto.org



# جدوجهد ۽ رڳو جدوجهد

(هي انٽرويو مانواري بينظير ڀٽو جي وهانءَ وارن ڏهاڙن ۾ ورتو ويو)

سوال: اوهان جي جيون جي سڀ کان وڏي بدقسمتي ؟

جواب: ڊڪٽيٽرشپ ۾ جيون گهارڻ

سوال: اوهان ڪٿي رهڻ پسند ڪيو ٿيون ؟

جواب: پاڪستان ۾

سوال: اوهان دنيا ڪي ڪهڙي رنگ ۾ ڏسڻ پسند ڪيو ٿيون ؟

جواب: غربت ۽ بک کان آجي دنيا

سوال: اوهان ڪهڙين انساني غلطين کي معافيءَ لائق سمجهو ٿيون ؟

جواب: انساني غلطيون

سوال: تصوراتي ڪهاڻين ۾ اوهان کي وڻندڙ سورمو ؟

جواب: شيڪسپيئر جو ڪردار مارڪ انٽوني



www.bhutto.org

سوال: ڪهڙي تاريخي شخصيت وڻندي اٿوَ؟
جواب: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو
سوال: حقيقي زندگيءَ ۾ اوهان کي وڻندڙ سورمي؟
جواب: بي بي فاطمہ رضہ
سوال: شاعريءَ ۾ پڙهايل اوهان کي وڻندڙ سورمي؟
جواب: الائيڊ جي هڪ ڪردار روميچي هيڪٽرز جي زال
سوال: وڻندڙ پينٽر؟
جواب: وان گو
سوال: وڻندڙ موسيقار؟
جواب: موزارٽ
سوال: مرد ۾ ڪهڙي خوبي هئڻ گهرجي؟
جواب: اخلاقي جرئت
سوال: عورت ڪهڙي خوبيءَ جي مالڪياڻي هئڻ گهرجي؟
جواب: مستقل مزاجي
سوال: ڪهڙو اخلاخي قدر وڌيڪ وڻندو اٿوَ؟
جواب: سچائي
سوال: ڪهڙي شئي تي وقت لڳائڻ گهرجي؟
جواب: مقصد ماڻڻ لاءِ
سوال: اوهان ڇا ٿيڻ پسند ڪندؤ؟
جواب: ڪنهن اخبار جي ايڊيٽر
سوال: اوهان جي مزاج ۾ ڪهڙي شئي حاوي آهي؟
جواب: اعتماد ۽ وفاداري
سوال: اوهان جي وڏي غلطي؟
جواب: ماڻهن تي جهٽ ۾ اعتبار ڪرڻ
سوال: سڀ کان وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهہ ڪهڙي هوندي؟
جواب: جنهن ڏينهن جنرل ضياء جي سرڪار ختم ٿيندي
سوال: اوهان ڪهڙين خاصيتن وارَي هجڻ چاهيو ٿيون؟
جواب: مهربان ۽ ايماندار
سوال: وڻندڙ رنگ؟



www.bhutto.org

جواب: اچو
سوال: وڻندڙ گل؟
جواب: لوئس، ٽيوب روز ٽيوپس
سوال: وڻندڙ پکي؟
جواب: طوطو
سوال: وڻندڙ ليکڪ؟
جواب: روسو
سوال: وڻندڙ شاعر؟
جواب: شيلي
سوال: حقيقي زندگيءَ ۾ اوهان جو هيرو؟
جواب: باب گيلڊف
سوال: تاريخ مان وڻندڙ سورمي؟
جواب: راڻي الزبٿ پهرين
سوال: ڪهڙو نالو سڏو لڳندو اٿوَ؟
جواب: سڪندر
سوال: ڪهڙن ماڻهن کان نفرت اٿوَ؟
جواب: ڪوڙن، منافقن ۽ موقعي پرستن کان
سوال: تاريخ ۾ ڪهڙي فوجي سوڀ تي سرهائي محسوس ڪيوَ؟
جواب: چين جي انقلابين جي لانگ مارچ تي
سوال: انسان کي ڪهڙي شئي جي سڀ کان پهريان اصلاح ڪرڻ گهرجي؟
جواب: سڀ کان پهريان پنهنجي ڪردار جي اصلاح ڪرڻ گهرجي
سوال: اوهان جي زندگيءَ جو نصب العين؟
جواب: جدوجهد ۽ رڳو جدوجهد



www.bhutto.org



# امريت سان ڊيل،
# نہ پئي ڪيان...

اهڙا پل ايندا آهن، جيڪي فيصلائتا ۽ مستقبل تي ڈور رس اثر ڇڏيندا آهن، آمريڪا ۾ اهڙو پل گهرو جنگ هئي، جرمني ۽ يورپي يونين لاءِ برلن جي ديوار ڪرڻ ساڳيو پل هو. هاڻ پاڪستان لاءِ صحيح فيصلن جو وقت اچي ويو آهي، جنهن سان انتهاپسندي ۽ دهشتگرديءَ کي محدود ڪري ملڪ کي تباهيءَ کان بچائي سگهجي ٿو. اهو استحڪام صرف پاڪستان لاءِ نہ هوندو، پر سموري مهذب دنيا داءَ تي لڳل آهي، جمهوري پاڪستان ۾ انتهاپسند تحريڪون هميشہ غيرمقبول رهيون آهن، يا ان جو اثر گهٽ ٿيندو آهي، مڙني جمهوري چونڊن دوران انتهاپسند مذهبي جماعتن 11 سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ حاصل نہ ڪيا آهن پر خاص ڪري 1980ع جي ڏهاڪي ۾ آمر ضياء ۽ ٻين فوجي عملدارن جي دور ۾ انتهاپسند قوتن کي هٿي ملي آهي، بدقسمتيءَ سان جنرل پرويز مشرف جي هڪ ڏهاڪي دوران مذهبي انتهاپسندي ڪيتر ائي پيرا وڌي آهي.



www.bhutto.org

پوءِ ضياءَ جهڙو اڳواڻ هجي، جيڪو مذهب کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪري ۽ مذهب هن جي زوال جو سبب بڻجي يا مختلف فوجي آمريتون رهيون هجن، ان دوران گهڻو ڪري عوام ۾ محرومي ۽ مايوسيءَ جنم ورتو آهي. اها حقيقت آهي ته انتهاپسندي نه صرف ڏکڻ ايشيا، پاڪستان پر سڄي دنيا لاءِ خطرو بڻجي وئي آهي، انتهاپسنديءَ جون پاڙون عالمي دهشتگرديءَ ۾ آهن، انهن کي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي، انتهاپسنديءَ کي محدود ڪرڻو پوندو ۽ انهيءَ جن کي بوتل ۾ بند ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن مان 2 ڀيرا وزيراعظم هيس، ان دوران منهنجي حڪومت پاڪستان جي سمورن علائقن تي قانون جي حڪمراني لاڳو ڪئي، اسان جا چارئي صوبا ۽ وفاق جي ڪنٽرول ۾ ايندڙ قبائلي علائقا ۽ وزيرستان وارو علائقو پڻ قانون جي حڪمرانيءَ ۾ رهيو. اسان اتان جي عوام جي حمايت سان عالمي منشيات فروشن جون پاڙون پٽيون، جيڪي آمريت جي دور ۾ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي مضبوط ٿي ويون هيون، موجوده وقت ۾ عالمي منشيات جا سوداگر مذهبي انتهاپسند ڌرين سان مليا ويا آهن ۽ انهن کان دهشتگردن جي پڻ سهائتا حاصل آهي. پاڪستان جي موجوده حڪومت عوام کي قبائلي علائقن جو وڏو حصو کسرائي ورتو آهي ۽ اهو طالبان ۽ القاعده جي ويڙهاڪن جي ڪنٽرول ۾ هليو ويو آهي ۽ اهي دعوائون پڻ ڪيون پيون وڃن ته هاڻ قبائلي علائقن تي حڪمراني ڪري نٿي سگهجي. منهنجو ايمان آهي ته انهن علائقن تي حڪومت ڪري سگهجي ٿي ۽ اها جمهوري حڪومت ٿي هوندي، جيڪا رياستي اختيار ۽ حڪمرانيءَ کي بحال ڪندي.

اسان کي پاڪستان جي تاريخ ۽ سياست جي حوالي سان حقيقت پسند ٿيڻو پوندو. هن دنيا ۾ سياست ۾ فوج جو ڪو به ڪردار ناهي. پر پاڪستان ان سلسلي ۾ ايترو خوشقسمت ناهي، سيڪيورٽي فورسز کي بنيادي طور تي پاڪستان جي سياسي ادارن جي خدمت ڪرڻ گهرجي، حڪمران پوءِ سڌيءَ طرح آيا هجن يا اڻ سڌيءَ طرح سان، انهن جوڙتوڙ ذريعي جمهوري حڪومتن کي ڪمزور ڪيو آهي ۽ اهي ادارا هميشه حڪمرانن جي استعمال هيٺ رهيا آهن. مون کي سڌ آهي ته پاڪستان ۾ اهڙي مرحلي ۾ جو مان حڪومت سان جمهوري نظام جي قيام لاءِ ڳالهيون ڪري رهي آهيان. ان موقعي تي اهڙيون ڳالهيون انهن کي حيرت ۾ وجهن ٿيون، اهي ماڻهو سمجهن ٿا ته پاڪستان جو مستقبل جنرل پرويز مشرف سان آهي،



www.bhutto.org

جيستائين آمريت جو تعلق آهي، ان سان ڪو بہ ڪمپرومائيز يا سوديبازي نہ ڪبي. پارليامينٽ ئي مٿانهين هجڻ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو آئون ۽ منهنجي پارٽي مشرف سان ڳالهائيندي رهي آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي آئين جي حمايت ڪري ٿي، جنهن ۾ اهو واضح طور تي چاڻايل آهي تہ پارليامينٽ ان صدر جي چونڊ ڪندي، جيڪو سويلين هوندو. حڪومت سان ڊگهين ڳالهين ڪانپوءِ مون اربع جي ڏينهن اهو اعلان ڪيو تہ مشرف فوجي جي وردي لاهڻ ۽ چيف آف آرمي اسٽاف جو عهدو ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

مان سمجهان ٿي تہ صرف وردي واحد مسئلو ناهي، بہ ٻيا وزيراعظم رهندڙن، جن ۾ مان پاڻ شامل آهيان، انهن جي ٽئين ڀيري انهيءَ عهدي تي فائز رهڻ واري پابندي پڻ هاڻ آئين جو حصو نہ رهڻ گهرجي ۽ ان جو خاتمو ڪرڻ گهرجي، پارليامينٽ جا سمورا ميمبر ۽ چونڊيل عيوضي جن کي 1999ع جي حڪومتي تبديليءَ ڪانپوءِ ڪا بہ سزا نہ ڏني وئي هئي ۽ انهن کوبہ ڏوهہ نہ ڪيو هو ۽ انهن خلاف سياسي بنيادن تي الزام مڙهيا ويا. انهن سمورن کي معافي ملڻ گهرجي ۽ کين ڏيهہ ورڻ جي اجازت ڏني وڃي. ملڪ ۾ آئين ۾ ڏسيل گس مطابق اڻ ڌري نگران حڪومت ۽ آزاد اليڪشن ڪميشن جو قيام پڻ ضروري آهي. ان سان گڏ عام چونڊن ۾ سمورين سياسي پارٽين جي شموليت کي يقيني بڻائڻ پڻ ضروري آهي.

چونڊ فهرستون سياسي جوڙتوڙ کان پاڪ ٿيڻ گهرجن. ووٽنگ جو نظام شفاف بڻائڻو پوندو، سياسي مداخلت ڪانسواءِ ووٽن جي ڳڻپ ڪرڻ گهرجي ۽ سمورو اليڪشني عمل عالمي مبصرن جي نگرانيءَ ۾ ٿيڻ گهرجي تہ جيئن اليڪشن کي آزاد ۽ منصفاڻو قرار ڏئي سگهجي. آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ئي صرف پاڪستان جي مسئلن جو حل ناهن. اسان وٽ آزاد، منصفاڻي ۽ موثر حڪمرانيءَ جي پڻ ضرورت آهي ۽ ان لاءِ ملڪ جي سمورين ماڊريٽ قوتن کي متحرڪ ڪرڻو پوندو ۽ ساڳئي رخ ۾ ڪم ڪرڻو پوندو، جيئن صورتحال کي سلجهائي سگهجي. جنرل پرويز مشرف جي عالمي ۽ فوجي حمايت برقرار آهي، پر اها حمايت عوام جي فيصلي جو متبادل ٿي نٿي سگهي. عوام جنهن کي پنهنجي ووٽ جي حق کان محروم رکيو ويو آهي. ملڪ اندر بيروزگاري ۽ غربت ان ڳالهہ جي شاهدي ڏين ٿيون تہ پاڪستان ۾ اهڙو جمهوري نظام ناهي، جيڪو عوام جي گهرجن جو پورائو ڪري سگهي. مان سمجهان ٿي تہ جيستائين پاڪستان جو عوام ووٽ ذريعي پنهنجي حڪمراني قائم نٿو ڪري، تيستائين انتهاپسند



www.bhutto.org



# ”مارشل لا“ دوران ٿيندڙ چونڊون، شفاف ڪيئن هونديون!؟

اڻين تہ سوويت يونين ۾ پولٽ بيورو بہ چونڊون ڪرائيندي رهي، پر ڇا انهن کي چونڊون چئي سگهجي ٿو؟ يقينن ڪنهن بہ عمل کي چونڊون چوڻ ۽ واقعي چونڊون ٿيڻ بہ جدا جدا ڳالهيون آهن.

هن وقت آئون لاهور ۾ گهر ۾ نظربند آهيان ۽ اسلحي سان ليس پوليس گهر جو گهيرو ڪري بيٺل آهي، جنرل مشرف طرفان پارلياماني چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪرڻ جي باوجود مون کي شڪ آهي تہ ڪابہ تبديلي نہ ايندي، مون هن سال جنرل مشرف تي اهو واضح ڪيو هو تہ موجوده اسيمبلين مان سندس چونڊ غيرقانوني هوندي پر جنرل مشرف نہ مڃيو، اسان هڪبئي جو موقف تسليم نہ ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ۽ فيصلو ڪيو تہ جنرل مشرف جي صدارتي عهدي لاءِ اهليت جي باري ۾ سپريم ڪورٽ جيڪو بہ فيصلو ڪندي ان کي تسليم ڪيو ويندو، جڏهن سپريم ڪورٽ صدارتي عهدي جي حوالي سان جنرل مشرف جي اهليت جو فيصلو ڏيڻ جي



www.bhutto.org

محفوظ پناهگاهه ٺڄڻ کان روڪڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي. هاڻي تہ اها حالت آهي جو دهشتگرد شهري علائقن ۾ ڦهلجي رهيا آهن.

گذريل هفتي هڪ نئون چيلينج سامهون آيو تہ صدارتي اليڪشن کان صرف چند ڏينهن اڳ پاڪستان جي اليڪشن ڪميشن آئيني شقن ۾ هڪ ترميم ڪري جنرل مشرف کي صدارتي چونڊ لاءِ اهليت جوڳو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، آئين ۾ ترميم جو اختيار فقط پارليامينٽ کي آهي ۽ پارليامينٽ جي ٻہ ڀاڱي ٽي اڪثريت سان ئي ترميم ٿي سگهي ٿي. اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن جاري ڪري هڪ نئون عدالتي مسئلو پيدا ڪيو آهي، مان ۽ منهنجي پارٽي چاهي ٿي تہ قومي اتفاق راءِ سان جوڙيل نئين حڪومت طرفان هڪ خودمختيار اليڪشن ڪميشن قائم ڪئي وئي، جيڪا آزادانہ، منصفانہ ۽ غيرجانبدارانہ چونڊون ڪرائي، اسان چاهيون ٿا تہ ملڪ جي سمورين پارٽين ۽ انهن جي اميدوارن کي اليڪشن ۾ بيهڻ جا هڪ جيترا موقعا ملڻ گهرجن. اسٽالن جو چوڻ هو تہ ”اهي ماڻهو جيڪي ووٽ وجهن ٿا، ڪو فيصلو نٿا ڪن، جيڪي ووٽن جي ڳڻپ ڪن ٿا، اهي ئي هر ڳالهہ جو فيصلو ڪندا آهن.“ اهو ئي سبب آهي جو اسان چونڊن ۾ سڌارا ڪرڻ تي زور ڏنو آهي، پر هن وقت تائين اسان جي ڪنهن بہ ڪوشش جو مثبت جواب ناهي ڏنو ويو.

صدر بش اها ڳالهہ درست نوٽ ڪئي آهي تہ دهشتگرديءَ جي خلاف جنگ ۾ سڀ کان وڏو هٿيار گولي يا بم نہ پر عالمي آزادي آهي ۽ آزاديءَ جي خواهش هر ذي روح رکي ٿو. جڏهن منهنجو جهاز ايندڙ مهيني پاڪستان ۾ لهندو، مون کي خبر آهي تہ عوام جوش ۽ جذبي سان منهنجو استقبال ڪندو، مون کي اها خبر ناهي تہ مون سان ذاتي ۽ سياسي طور ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويندو، پر مان چڱائيءَ لاءِ دعا ڪريان ٿي ۽ خراب کان خراب حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر مان هر صورت ۾ وطن واپس وڃي رهي آهيان تہ جيئن جمهوري قومن ۾ پاڪستان جو مقام بحال ڪرائي سگهان.



www.bhutto.org



# حملن جون ڌمڪيون ۽ چونڊ مهم جو ڪلچر

گذريل هفتي مان هڪ قاتلاڻي حملي مان بچي ويس، پر منهنجا 140 ڪارڪن ۽ محافظ نہ بچي سگهيا، هي قتل عام تمام وڏي تباهي آڻيندڙ هو، جو نہ صرف مون کي ۽ منهنجي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي نشانو بڻايو ويو، پر انهن لکين ماڻهن (اندازي موجب 30 لک) کي بہ نشانو بڻايو ويو، جيڪي جمهوريت ۽ جمهوري عمل جي حمايت ڪرڻ ۽ منهنجو استقبال ڪرڻ لاءِ آيا هئا، انهن بيگناهہ انسانن جي قتل عام تي مون کي دلي رنج، غم ۽ افسوس آهي. 18 آڪٽوبر وارو سانحو ان صورتحال کي نروار ڪري ٿو، جيڪو اسان کي درپيش آهي، اسان اهڙين حالتن ۾ آزادانہ، منصفانہ ۽ شفاف چونڊن جي مهم هلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ دهشتگرديءَ جو خطرو موجود آهي، اهڙي صورتحال ۾ اسان آڏو تمام گهڻيون مشڪلاتون آهن، اسان عوام جي قتل عام جي خطري ۾ ڪهڙي



www.bhutto.org

چونڊ مهم عد ام تائين پهچائيندا سين، ڇاڪاڻ جو منهنجي زندگي تہ خطري ۾ آهي ئي آ پر انهن کي بہ وڏو خطرو آهي، جيڪي بيگناهہ انسان منهنجي اُجيان لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪرن ٿا.
مون تي ٿيندڙ حملو مڪمل غير متوقع نہ هو، مون کي اعتبار جوڳن ذريعن وٽان اطلاع مليا هئا تہ جيڪي ڏريون جمهوري عمل ۾ رخنو وجهڻ گهرن ٿيون، اهي مون کي نشانو بڻائينديون. خاص طور بيت الله محسود، جيڪو افغاني آهي ۽ شمالي وزيرستان ۾ طالبان جي قيادت ڪري رهيو آهي، حمزه بن لادن جيڪو هڪ عرب شخص آهي، اهو ۽ لال مسجد جو هڪ عسڪريت پسند مون کي مارڻ لاءِ موڪليا ويا هئا، مون کي اهو خوف آهي تہ اهڙن ماڻهن کي اهي استعمال ڪري رهيا آهن جيڪي منهنجي ملڪ جي انتظاميا ۽ سيڪيورٽيءَ سان لاڳاپيل آهن، جن کي هاڻي اهو خوف آهي تہ جمهوريت جي واپسي انهن ڏرين جي منصوبن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندي، اسان احتياطي اپاءَ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، اسان هڪ بلٽ پروف گاڏي آڻڻ جي درخواست ڪئي، اسان اهڙي ٽيڪنالاجي فراهم ڪرڻ جي درخواست ڪئي، جنهن سان ڌماڪا خيز مواد جو پتو پئجي سگهجي ۽ اهڙي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو، جيڪو اڳوڻي وزيراعظم جي حيثيت سان منهنجو حق هو.
هاڻي ان قتل عام ڪانپوءِ واري اها حقيقت آهي تہ، ان قتل عام واري هنڌ، اسٽريٽ لائيٽون بند ڪيون ويون هيون، جنهن جي ڪري خودڪش حملو ڪندڙ کي ترڪ جي ويجهو اچڻ جو موقعو مليو، اِها ڳالهہ انتهائي شڪ ۽ شبهي واري ڳالهہ آهي ۽ مون کي ان ڳالهہ تي شديد پريشاني آهي تہ ان ڌماڪي جي تحقيقات جي ذميواري هڪ اهڙي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس منظور مغل کي ڏني وئي، جيڪو ان وقت بہ موجود هو، جڏهن منهنجي مڙس کي تشدد جو نشانو بڻائي مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، يقينن مان ان خطري کان آگاهہ هيم، ڇاڪاڻ جو القائده جا قاتل، جن ۾ رمزي يوسف بہ شامل آهي، ان کان اڳ بہ دفعا حملو ڪري چڪا آهن، انهن جي دهشتگرديءَ وارين وارداتن جو مون کي علم آهي، اهي پنهنجي نشاني کي بار بار ورجائيندا آهن (جهڙي طرح ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملو ٿيو هو) اهڙي حقيقت خطري کي وڌيڪ نمايان ڪري ٿي، پاڪستان جي حڪومت ۾ شامل ڪجهہ ماڻهن منهنجي وطن واپسي ۽ قائداعظم جي مزار تي وڃڻ تي تنقيد ڪئي، مان اٺن سالن تائين جلاوطن رهيس، پاڪستان اهڙو ملڪ آهي، جتي سياست عوامي ۽ هيٺين سطح تي ٿيندي آهي، هي ڪيلي فورنيا يا نيويارڪ ناهي، جتي اميدوار فيس ٽُو فيس ميڊيا، يا خط و ڪتابت جي ذريعي چونڊ مهم هلائي سگهن ٿا، ان ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال نہ صرف ناممڪن آهي، پر پاڪستان جي سياسي ڪلچر ۾ بہ نٿو ملي.
پاڪستان جو عوام چاهي ان جو تعلق ڪنهن بہ پارٽيءَ سان هجي، اهو



www.bhutto.org

پنهنجي اڳواڻن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ گهري ٿو، اهو عوام ريلين جي توقع ڪري ٿو ۽ چاهي ٿو ته پنهنجي اڳواڻن جو خطاب پنهنجي سامهون لائوڊ اسپيڪر تي پاڻ ٻڌي، عام حالتن ۾ ٿي ريليون ڪڍڻ ۽ وڏا جلسا ڪرڻ تمام وڏو چئلينج هوندو آهي، پر هاڻي دهشتگرديءَ جي پاڇي ۾ وڌيڪ مشڪل بڻجي ويو آهي، منهنجو ڪم اهو آهي ته ان ڳالهه کي يقيني بڻايان ته اهو ناممڪن نه ٿئي، ان مسئلي جي حل لاءِ اسان سياسي حڪمت عملي تيار ڪرڻ وارن ماهرن سان مشورا ڪري رهيا آهيون، اسان پنهنجي ملڪ جي سياسي ڪلچر جو خيال رکڻ گهرون ٿا ۽ عوام کي اُن سالن جي طويل آمريت کان پوءِ سياسي عمل ۾ حصو وٺڻ جو موقعو ڏيڻ گهرون ٿا، ان سان گڏ ڏهه ڪروڙ ووٽرن کي سمورن معاملن کان آگاهه ڪرڻ گهرون ٿا، پر اسان احتياط جو دامن به ڇڏڻ نٿا چاهيون، اسان پنهنجي قيادت کي غيرضروري طور تي ڪنهن خطري ۾ وجهڻ به نٿا گهرون ۽ خاص طور مان پنهنجي حامين کي قتل عام جي خطري ۾ وجهڻ نٿي چاهيان، جيڪڏهن اسان مهم نه هلائينداسين ته ان جو مطلب اهو هوندو ته دهشتگرد کٽي ويا، جيڪو جمهوريت لاءِ هڪ وڏو ڌڪو هوندو، جيڪڏهن اسان مهم هلائينداسين ته تشدد جو خطرو موجود هوندو، اها غير معمولي مونجهاري واري صورتحال آهي، اسان هن وقت ٻه طرفي حڪمت عملي تي توجهه ڏئي رهيا آهيون، جنهن ۾ سخت سيڪيورٽي ۾ ووٽرن سان انفرادي يا اجتماعي طور رابطو ڪيو ويندو آهي، جتي ماڻهن وٽ ٽيليفون جي سهولت ميسر آهي، اتي اسان جي طرفان ٽيپ ٿيل پيغام ويندو، مان مختلف معاملن تي پارٽي پاليسين کان ماڻهن کي آگاهه ڪنديس ۽ انهن کي ووٽ ڏيڻ جي اپيل ڪنديس، ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ ٽيپ ٿيل پيغام لائوڊ اسپيڪر ذريعي عوام تائين پهچايو ويندو، پاڪستان جي سياست جي روايتي قافلن جي بدران اسان چئني صوبن ۾ اهڙن قافلن ۽ ريلين بابت سوچي رهيا آهيون، جتي مان وڏن وڏن جلسن ۾ پنهنجون پاليسيون بيان ڪري سگهان، اسان ووٽرن کي پولنگ اسٽيشنن تائين آڻڻ بابت طريقهءِ ڪار متعلق سوچي رهيا آهيون ته جيئن مون کي خطرا گهٽ کان گهٽ هجن ۽ دهشتگردن کي چونڊن واري مهم دوران دهشتگردي ڪرڻ جا موقعا نه ملن.

سياسي عمل جي حرمت کي دهشتگردن جي هٿان پائمال ٿيڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ اعتدال پسندي هر صورت ۾ بحال هئڻ گهرجي، ان کي حاصل ڪرڻ جي اها ئي صورت آهي ته آزادانه ۽ منصفانه چونڊون ڪرائي هڪ جائز حڪومت قائم ڪئي وڃي، جنهن کي عوام جو مينڊيٽ حاصل هجي ۽ اها قيادت سامهون اچي، جنهن کي عوام جي حمايت حاصل هجي، قاتلن کي ڪنهن به صورت ۾ پاڪستان ۾ جمهوريت جي واپسيءَ ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.



www.bhutto.org



# منهنجي مٿان حملو ڇو ٿيو!؟

اڄ مان جنهن مقام تي آهيان، اتي مون کي اوچتي حملي آور ڊيڄاري نٿا سگهن، پاڪستان ۾ نئين نسل جا دل ۽ دماغ فتح ڪرڻ لاءِ جنگ جاري آهي، اها جنگ پاڪستان جي جمهوري مستقبل جي جنگ آهي، نئين نسل کي انهيءَ ڳالهه جي چونڊ ڪرڻي آهي ته اهو اعتدال پسندي ۽ انتهاپسندي، تعليم ۽ جهالت، جمهوريت ۽ آمريت، رواداري ۽ تعصب، امن ۽ جنگ مان ڪهڙي شيءِ جي چونڊ ڪري ٿو، مان جمهوريت واري جدوجهد جي قيادت ڪرڻ لاءِ پاڪستان واپس آئي آهيان، منهنجي حمايتين جو رت ڪراچيءَ جي روڊن تي وهايو ويو ۽ ان رت جا ڇنڊا اسان جي ڪپڙن تي به پيا، مان انهيءَ عزم جو عهد ڪريان ٿي ته جمهوري قدرن لاءِ جدوجهد ڪندي رهنديس.

مون کي خبر آهي ته هٿياربند ۽ انتهاپسند قوتون مون کان ڊنل آهن ۽ مون کي پنهنجو دشمن سمجهن ٿيون. 80ع واري ڏهاڪي ۾ پاڪستان جي



www.bhutto.org

انتهاپسند ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ هڪ پيري چيو هو تہ هن جي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي غلطي اها هئي جو هن موقعو ملڻ باوجود مون کي زنده ڇڏي ڏنو.

پاڪستان جي عوام جي مستقبل جي جنگ پاڪستان جي هر شهر، هر ڳوٺ ۽ سموري ملڪ جي هر ڪنڊ ۾ جاري آهي، ڪراچي ايئرپورٽ تي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان، ڏور انهن علائقن مان ماڻهو جمع ٿيا هئا،تو ڙي جو انهن کي خطري جي خبر هئي، اهي ساڳيا ماڻهو پاڪستان جي عوام جي صحيح ترجماني ڪن ٿا ۽ اهي ئي ماڻهو پاڪستان جا اعتدال پسند ماڻهو آهن، پاڪستان مستقبل ۾ ڪهڙي رخ ڏانهن ويجي ٿو، ان جو فيصلو شفاف ۽ آزاد چونڊون ڪنديون، جيڪي هن سال جي آخر ۾ ٿيڻيون آهن، جمهوريت جي راه ۾ رڪاوٽون وجهڻ لاءِ انتهاپسند هر قسم جو طريقو آزمائيندا، انهن ماڻهن عوام جي راءِ جي اظهار ۽ ڪنهن بہ پارٽيءَ سان ڳنڍجڻ واري حق ۽ آزاديءَ کي سلب ڪرڻ لاءِ تشدد جو استعمال ڪيو تہ جيئن عوام کي جمهوريت جي بحاليءَ واري رستي کان پري ڪري سگهجي، مون تي حملو فقط هڪ فرد تي حملو نہ هو، پر انهن سمورين جمهوري قوتن مٿان حملو هو، جيڪي پاڪستان ۾ جمهوريت چاهين ٿيون، هي حملو دراصل پاڪستان مٿان حملو هو، هي حملو هر شهريءَ جي انساني ۽ سياسي حقن ۽ جمهوري عمل جي بحاليءَ مٿان حملو هو، هن حملي جو مقصد اسان جي معاشري ۾ سمورين سياسي پارٽين کي خوفزده ۽ بليڪ ميل ڪرڻ هو، انتهاپسند ڊڪٽيٽرشپ جي ڇانوَ ۾ پلجن ٿا ۽ انهن کي خبر آهي تہ اعتدال پسندي ۽ جمهوريت جي آمد سان انهن جو خاتمو اچي ويندو. اهي جمهوريت ۽ اعتدال پسنديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سمورا حربا استعمال ڪندا، جن ماڻهن گذريل هفتي ڪراچيءَ ۾ 140 ڄڻن کي قتل ڪيو، اهي اسلام جي پيغام جي روح جي خلاف ورزيءَ جا مجرم آهن، اسلامي قانون وڏي پيماني تي واضح ڪري ٿو تہ اسلام ۾ هٿين خالي شهرين ۽ معصوم ماڻهن تي پرتشدد حملي ۽ سڌن ملڪيت کي تباه ڪرڻ جي سختيءَ سان منع ٿيل آهي. انهن جو اهو عمل معاشري خلاف جنگ آهي، اهي ماڻهو هوائي جهاز اغوا تہ ڪري سگهن ٿا پر اسلام جي پيغام کي اغوا نٿا ڪري سگهن.

منهنجي قافلي مٿان حملو ڪندڙن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ان ڪري تحقيقات ۾ رڪاوٽون وڌيون پيون وڃن ۽ اهو ئي سبب آهي جو پرڏيهي ماهرن کان جاچ ڪرائڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي،



www.bhutto.org

جيڪڏهن ذميوارن کي لڪائڻ جي ضرورت ڪونهي ته پوءِ عالمي ماهرن کان تحقيقات کان ڇو پيو لنوايو وڃي، منهنجي مٿان حملي ۾ انتهائي طاقتور ڌريون ملوث آهن، هن وقت مون کي ايتري سيڪيورٽي فراهم ناهي ڪئي وئي، جيتري سيڪيورٽيءَ جي ضرورت آهي.

هٿياربند ۽ انتهاپسند چاهن ٿا ته وارلارڊز پاران دهشتگرديءَ جي سياست واري مهم کان پاڪستان کي فقط جمهوريت ئي بچائي سگهي ٿي، اهي ماڻهو سياسي عمل ۽ قانون تي حملو ڪري پاڪستان مٿان قبضي جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، اهي ماڻهو پاڪستان جي غريب عوام جي بهتر مستقبل ۽ جمهوريت جي خوابن جي اميدن کي قتل ڪري سگهن. عالمي برادري 18 آڪٽوبر تي ٿيل دهشتگرديءَ جي مذمت ڪئي آهي، دهشتگردي جو شڪار ٿيندڙن جي خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي ۽ زخمين جي جلد صحتيابيءَ لاءِ دعائون ڪيون آهن.

اسان جون سموريون دعائون ۽ همدرديون انهن ماڻهن سان آهن ۽ انهن جي پونيئرن سان آهن، جن پنهنجي زندگين جو نذرانو پيش ڪيو، انهن ماڻهن جمهوريت جي مقصد ۽ عوام جي بنيادي حقن لاءِ عظيم ترين قرباني پيش ڪئي. الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي روح کي ابدي سڪون عطا ڪري، انهن بهادر شهرين کي ياد ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو ٿيندو جو پاڪستان کي هڪ مضبوط، معتدل، جمهوري ملڪ بڻايو وڃي.



www.bhutto.org




# ميثاق جمهوريت تي عمل سان ئي حقيقي جمهوريت ممڪن آهي!

مبصر ان خوف جو اظهار ڪري چڪا آهن تہ پاڪستان، جنهن پنهنجي آزاديءَ جي جنگ وڏي بهادري ۽ شجاعت سان وڙهي هئي، ناڪام رياست بڻجي سگهي ٿو. نااميديءَ ۾ ويڙهيل اڪثريت ان ڪري ڪئي پئي وڃي تہ موجوده حڪومت جي پاليسين جي ڪري ملڪ دهشتگردي، ڪرپشن، ڏوهن، بيروزگاري ۽ ناقابلِ برداشت افراط زر جو شڪار آهي.

هر ايندڙ ڏينهن ننڍن صوبن ۾ محروميءَ جو احساس وڌي رهيو آهي. بلوچستان ۽ وزيرستان ۾ فوجي آپريشن سان مسئلو حل ٿيڻ بدران صورتحال وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي ۽ اهو سڀ ان ڪري ٿي رهيو آهي، ڇو تہ جنرل مشرف عوامي طريقو اختيار ڪرڻ بدران پنهنجي طريقہ ڪار



www.bhutto.org

ذريعي ڪم تي بضد آهي.

پاڪستان جي فوج قوم جي ملڪيت آهي، فوج کي پاڪستان جي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. ان کي پنهنجي ملڪ جي عوام جي خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ گهرجي. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي ته جنرل مشرف فوج جي سربراهه جي عهدي کي چنبڙيل آهي. جنهن جي ڪري فوج جي غيرجانبداري متاثر ٿي رهي آهي. ڪجهه ماڻهو اهو به چئي رهيا آهن ته پنجابي فوج اسان جي خلاف ڪارروايون ڪري رهي آهي ۽ اها ڳالهه پاڪستان جي فوج لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي رهي آهي. اهو تاثر تڏهن ئي ختم ٿي سگهي ٿو، جڏهن فوج کي سول نظام جي ماتحت بڻايو وڃي، صرف ڪجهه اقتدار جي لالچين کي اها اجازت نه ڏيڻ گهرجي ته اهي پنهنجي سياسي مقصدن ۽ اقتدار لاءِ فوج کي استعمال ڪن. هڪ شخص ملڪ کي ٻن رشتيدارن جي مدد سان هلائي رهيو آهي، جنهن سبب ملڪ تباهيءَ طرف ڌڪجي رهيو آهي.

تاريخ اسان کي سبق سيکاري ٿي ته جمهوريت ۽ ترقيءَ جو پاڻ ۾ چولي ۽ دامن جو لاڳاپو آهي. جمهوريت سان ملڪ کي عزت ۽ وقار ملي ٿو، جڏهن ته ڊڪٽيٽرشپ ۾ ملڪ تي قرض جو بار پوي ٿو، عوامي مسئلا نظرانداز ٿين ٿا، فوج جي ساک کي نقصان رسي ٿو ۽ فوجي اقتدار ۾ مختلف قسمن جا تضاد پيدا ٿين ٿا. هن وقت هڪ شخص حقيقي جمهوري قوتن کي ظلم ۽ جبر جو نشانو بڻائي پنهنجو شخصي اقتدار برقرار رکيو ويٺو آهي ۽ ملڪ جي عوام جي بدران بيروني طاقتن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. اها ڳالهه قومي وقار جي خلاف آهي.

فوجي حڪمران بيروني طاقتن کان شاباس حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي عوام جو استحصال ڪري ٿو، جنهن سان ملڪ جو وقار ۽ سالميت خطري ۾ پئجي وڃي ٿي، ملڪ جا مفاد ڇڏي ڏيڻ سان ڊڪٽيٽر کي اقتدار کي ڊگهه ڏيڻ ۾ مدد ملي ٿي. ان ڪري چوندا آهن ته جيڪڏهن ملڪن جا مسئلا حل ٿي وڃن ته، ڊڪٽيٽرن کي ملڪن تي حڪمراني ڪرڻ جو جواز ئي نه ملندو، تنهن ڪري ڊڪٽيٽرن جي خواهش هوندي آهي ته ملڪ بحران جو شڪار رهن، پر اهي ان حقيقت جو اندازو ناهن ڪري سگهندا ته جيڪڏهن اهو بحران شديد کان شديد تر ٿي ويندو ته هڪ ڏينهن اهو بحران انارڪي، افراتفري ۽ خونريزيءَ جي بازار گرم ڪري سگهي ٿو، انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته اسان قائداعظم جو ڏسيل رستو اختيار ڪريون، جنهن جي لاءِ قائد عوام پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو هو ۽ اهو رستو آئين ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جو رستو آهي. اهو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ منصفاڻيون چونڊون، هڪ خودمختيار اليڪشن ڪميشن جي ذريعي ڪرايون وڃن ۽ اقتدار پرامن طريقي سان منتقل ڪيو وڃي. ملڪ ۾ قابلِ احترام عدليا



www.bhutto.org

هئڻ گهرجي. جنهن مان ڪوبه سياسي اثر نه هجي، جيڪا سيني کي انصاف مهيا ڪري سگهي ۽ انصاف ٿيندو نظر به اچڻ گهرجي، ان رستي تي هلندي، هڪ اهڙو احتساب بيورو قائم ڪري سگهجي ٿو، جيڪو اسٽيل مل جي نجڪاري، اسٽاڪ ايڪسچينج جي پنجن ڪرپشن اسڪينڊلن ۾ ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري سگهي. ان ڪانسواءِ اهو خود پنهنجي انهن آفيسرن کي به گرفتار ڪري سزا ڏياري سگهي. جن بدنيتيءَ تي ٻڌل مقدما تيار ڪيا ۽ عوام جي خون ۽ پگهر جي ڪمائي انهن بدنيتيءَ تي ٻڌل ڪيسن جي پيروي تي ضايع ڪئي ته جيئن ناانصافي ڪئي وڃي، آزادي ۽ قانون جي حڪمراني ئي پاڪستان کي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي رستي تي آڻي سگهي ٿي. هن وقت اسان کي پنهنجين سرحدن تي امن جي ضرورت آهي ۽ اسان کي جنرل مشرف جي فوجي حڪومت وانگر بمبئي ۾ ٿيندڙ بم ڌماڪن ڪانپوءِ اهو نه چوڻ گهرجي ته پاڙيسري ملڪ ۾ بم ڌماڪا انهيءَ ڪري ٿيا جو امن جو عمل ۽ مذاڪرات سست رويءَ جو شڪار ٿي ويا هئا.

قائداعظم جي ڏسيل واٽ تي هلندي، اسان کي پنهنجون ترجيحون درست ڪرڻيون پونديون، قومي وسيلا، روزگار، تعليم، صحت، پيئڻ جي صاف پاڻيءَ، سماجي ترقيءَ ۽ ٻين شعبن تي خرچ ڪرڻ گهرجي، نه اهو ته ايٽمي صلاحيت حاصل هئڻ جي باوجود مهانگا هٿيار خريد ڪري پرڏيهي اسلحي ساز ڪمپنين جو پيٽ ڀرڻ گهرجي، جڏهن ته پاڪستان جو عوام بک ۽ غربت ۾ جڪڙيل آهي.

اسان جو ماضي 1965ع، 1971ع ۽ 1999ع ۾ ڪارگل ۾ شهيد ٿيندڙن جي غمگين يادن سان ڀريل آهي. وقت اچي ويو آهي ته باوقار امن قائم ڪريون، اسان کي جنگ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. خدا جي فضل سان پاڪستان علائقائي طور نهايت اهميت رکي ٿو. پاڪستان ڏکڻ ايشيا ۽ وچ ايشيا جي مارڪيٽن تائين پهچڻ جي سگهه رکي ٿو. پاڪستان مان تمام گهڻيون اميدون وابسته آهن. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته اسان اندروني حالتون درست ڪريون ۽ معاشي استحڪام تي ڌيان ڏيون، قرضن جي ري شيڊيولنگ ڪرائڻ سان ملڪ جي معيشت مستحڪم ڪرڻ جي بدران گذريل پنجن سالن ۾ اسان تجارتي شرح تي 800 ارب روپيا وڌيڪ قرض حاصل ڪيو آهي، اها ملڪ ۽ قوم سان ويساهه گهاتي آهي. موجوده حڪمران ايندڙ نسلن جي مستقبل کي قرضن ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي ۽ انهن قرضن جي زنجيرن ٽوڙڻ ۾ ڪيترائي ڏهاڪا درڪار آهن.

شايد فوجي حڪومتون قائم رکڻ جو اهو ئي مقصد آهي ته ڪجهه ملڪن کي هميشه اهڙيءَ طرح قرضن ۾ جڪڙيل رکيو وڃي . قائد عوام 70ع واري ڏهاڪي دوران ملڪ کي مضبوط بنيادن تي بيهاريو هو، پر



www.bhutto.org

جنرل ضياءَ سنڌس حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو، جنرل ضياءَ سوويت يونين سان جنگ لاءِ ملندڙ امداد کي نہ صرف ضايع ڪري ڇڏيو، پر رهندو تجارتي شرح تي قرض حاصل ڪيا، انهن قرضن جي ڪري پاڪستان هميشہ لاءِ عالمي مالياتي ادارن جي اثر هيٺ اچي ويو، جڏهن پيپلزپارٽي اقتدار ۾ آئي تہ هڪ دفعو وري ملڪ مٿان قرضن جو خسارو گهٽ ڪيو ويو ۽ قرضن جو بار هلڪو ڪيو. پ پ حڪومت پاڪستان کي خودانحصاري ڏني ۽ عوام جي زندگيءَ کي بهتر بڻايو، پر انهن سڀني ڪوششن تي فوجي حڪومت پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. اسان هڪ دفعو وري قرضن ۾ جڪڙجي ويا آهيون، فوجي حڪومت تجارتي شرح تي تمام گهڻا قرض حاصل ڪري پاڪستان جي مستقبل کي هڪ دفعو وري داوءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي.

ڇا اسان پنهنجي مشڪلاتن جو الزام ٻين مٿان مڙهي سگهون ٿا؟ نہ هرگز نہ. شڪسپيئر جو چوڻ آهي تہ غلطي اسان جي ستارن جي ناهي، خود اسان جي آهي، اسان کي قومي مفادن کي مقدم رکڻ گهرجي، اسان کي اهو سکڻو پوندو تہ موقعي پرستي، لالچ ۽ اڻ چونڊيل حڪومت کي هڪ زبان ٿي رد ڪريون. اسان جو مشن هڪ هئڻ گهرجي تہ اسان پنهنجي عوام کي آزادي ڏياريندا سون ۽ قوم جي وقار کي بحال ڪنداسون. اهي مقصد اسان ميثاق جمهوريت ۾ ڏسيل اصولن تي عمل ڪري حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ ڪوتاهہ ذهن ڊڪٽيٽرشپ مان جان ڇڏائي سگهون ٿا. ميثاق جمهوريت ٻن اڳوڻن وزيراعظمن جي تجربن جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو آهي. ميثاق جمهوريت سان پاڪستان کي هڪ اهڙو متحرڪ ۽ مستحڪم ملڪ بڻائي سگهجي ٿو، جنهن جي عوام جو مستقبل ۽ انهن جي نسلن جو مستقبل روشن هجي.

مشرف حڪومت مسلم ليگ (ق) تي ڀاڙي رهي آهي، جنهن تي گجرات جي ٻن سئوٽن جو ڪنٽرول آهي. اهي ٻہ سئوٽ ٻہ ملڪ کي هن خطرناڪ بحران ۾ مبتلا ڪرڻ جا ذميوار آهن. اهي مائٽ هو قائداعظم جي وفاقي، جمهوري ۽ گهڻ رخي پاڪستان واري تصور کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪا آهن.

انهيءَ ڪري پاڪستان پيپلزپارٽي جمهوريت جي بحالي ۽ جنرل مشرف جي فوجي اقتدار جي فوري خاتمي جو مطالبو ڪري رهي آهي.



www.bhutto.org



# انتقام لاءِ وقت ناهي!!!

سوال: توهان پنهنجو ملڪ تقريبن 8 سال اڳ ڇڏيو هو ۽ ان وقت کان وٺي توهان ملڪ کان ٻاهر رهي جنگ جوٽي رهيا آهيو، توهان اهو ڪيئن پيا ڪريو؟ توهان پري رهي پنهنجي ڪارڪنن جا حوصلا ڪيئن وڌايو ٿا؟

بينظير ڀٽو: زندگي آسان ناهي، توهان کي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، آءٌ پرامید آهيان ته، هن سال آءٌ پاڪستان هوندس ۽ مان پر اُميد آهيان ته، پاڪستان جي مستقبل لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديس.

سوال: بينظير لاءِ ماضيءَ ۾ هڪ ”ويڙهاڪ“ جو اصطلاح استعمال ٿيندو هو، ڇا توهان هاڻي ”نرم“ ٿي ويا آهيو يا خوفزده آهيو؟

بينظير ڀٽو: جيڪڏهن آئون خوفزده ٿي چڪي هجان ها ته پوءِ آئون گهڻو وقت اڳ حڪومت سان ناهه ڪري چڪي هجان ها. ڪيترن ئي ڪيسن جي باوجود مون ائين ناهي ڪيو.

سوال: بينظير ڀٽو، آسائش ۾ پروان چڙهي آهي ۽ سٺي تعليم حاصل ڪئي آهي، هاڻي هڪ ”خانه بدوشيءَ واري زندگي گذاريندي ڪيئن لڳي ٿو؟

بينظير ڀٽو: اهو قطعي سولو ناهي، ها اهو ان وقت کان بنهه مختلف



www.bhutto.org

آهي، جڏهن منهنجو بابا جيئرو هو، اسان تڏهن ڏاڍو خوش هئاسين، اسان ڪڏهن به ائين نه سوچيو هو ته اسان ائين انتهائي محدود ٿي ويداسين.

سوال: ڇا توهان ماڻ رهڻ بابت ڪجھ سوچيو آهي؟

بينظير ڀٽو: بنھ نه! ڇاڪاڻ جو آئون جڏهن به پاڪستانين سان ملندي آهيان ته آئون حوصلو محسوس ڪندي آهيان جڏهن هو چوندا آهن ته توهان اجا به پاڪستان مان نااميد ناهيو. اهي منهنجا عوام آهن جن مون کي پاڪستان جو وزيراعظم ٻيڻ جي اعزاز سان نوازيو. اهو مون کي انهن کان اعزاز مليو آهي ۽ اسان انهن کي جمهوريت ڏني آهي. اها آهي ڪمٽمينٽ!

سوال: جيڪڏهن توهان کي چونڊ جو اختيار ڏجي ته توهان ڇا چونديندئو، پاڪستان يا پنهنجو مڙس ۽ ٻار؟

بينظير ڀٽو: منهنجي ملڪ جا ٻار به منهنجي ٻارڙن جهڙا ئي ٻارڙا آهن، آئون تمام گھڻو عرصو پنهنجي ٻارن کان ڌار رهي آهيان پر هو سمجھن ٿا ته آئون پنهنجي ملڪ لاءِ ڇا ڪري رهي آهيان اها انهن جي قرباني ئي آهي جو هو پنهنجي ماءُ کان ڪو مطالبو نٿا ڪن.

سوال: ڇا توهان جا ٻار اهو نٿا سوچين ته هي اهو رستو ناهي جيڪو انهن جي ڏاڏي اختيار ڪيو، اهو ته انهن جي ماءُ ڏاڏي وارو رستو اختيار ڪري، جڏهن توهان حڪومت سان ڳالھ ٻولھ ڪريو ٿا؟

بينظير ڀٽو: نه! هن وقت تائين انهن مون کي اهو ڪونه چيو آهي؟ جڏهن منهنجو پٽ ارڙهن سالن جو ٿيو ته مون کانئس پڇيو ته توکي ڪهڙو تحفو کپي. ته هن چيو هي چاهي ٿو ته پاڪستان موٽي هلون. ان ڪري آئون ڪيس پاڪستان وٺي ايندس.

سوال: توهان نون سالن کان جلاوطن آهيو، توهان مالي طور تي ڪيئن مئنيج ڪريو ٿا؟ جڏهن حڪومت اوهان جا اثاثا منجمد ڪري ڇڏيا هجن؟

بينظير ڀٽو: پهريان ٻه ۽ ٽي سال ڏکيا هئا پر سپريم ڪورٽ جي مداخلت کانپوءِ منهنجي خلاف سمورا قدم ناجائز قرار ڏنا ويا ته ڪجھ بهتر صورتحال ٿي آهي.

سوال: مان سمجهان ٿو ته ليڪچر ذريعي توهان چڱي رقم حاصل ڪريو ٿا؟

بينظير ڀٽو: ها ڪجھ پئسا حاصل ٿين ٿا، انهن ليڪچرن ذريعي.

سوال: ترت اليڪشن ٿيڻ واري آهي، ڇا توهان کي پڪ آهي ته توهان پاڪستان موٽي ويندؤ؟

بينظير ڀٽو: يقيني طور تي! جيڪڏهن انهن مون کي ڊسڪواليفاءِ به ڪيو، تڏهن به ضرور موٽي وينديس.

سوال: اهڙيون رپورٽون آهن ته توهان جي ۽ صدر مشرف جي وچ ۾ خفيه هم آهنگي ٿي آهي، ان ڪري توهان جي خلاف ڪافي ڪيس واپس ورتا ويا آهن؟



www.bhutto.org

بينظير ڀٽو: اهو محفوظ ٿي سگهي ٿو.

سوال: اهو محفوظ آهي يا نه؟

بينظير ڀٽو: مون کي خبر ناهي، جڏهن کان اسان مخالف ڌر ۾ آهيون اسان کي ڪنٽرول ۽ ڪمانڊ جي معاملن تي اعتماد ۾ ناهي ورتو ويو. منهنجو خيال ناهي ته هڪ فوجي آمريت ۾، جوهري هٿيار محفوظ هٿن ۾ رهي سگهن ٿا؟ اسان سمجهون ٿا ته هڪ قانوني حڪومت جيڪا قانون جو احترام ڪري انهن جي هٿن ۾ اهو محفوظ رهي سگهي ٿو، عبدالقدير خان جي ڪيس ۾ اهو صادق اچي ٿو. سڌي يا اڻ سڌي طور تي پاڪستان ۾ فوجي راڄ يا اسٽيبلشمينٽ جي حڪومت رهي آهي، هتي پاڪستان ۾ ڪيترائي داخلي تضاد آهن ۽ اسان اهو تاثر ڏئي رهيا آهيون ته اسان قانون جو احترام ڪندڙ ملڪ آهيون.

سوال: جيڪڏهن توهان پاڪستان جي اقتدار ۾ اچو ٿا ته توهان جو صدر مشرف سان ڪهڙو سلوڪ هوندو؟

بينظير ڀٽو: اهو ان تي ڇڏيل آهي ته اهو پاڪستان جي عوام سان ڪهڙو سلوڪ روا رکي ٿو، جيڪڏهن هي صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرائي ٿو...

سوال: هن جي اثاثن بابت ڇا خيال آهي؟

بينظير ڀٽو: ها! اسان جي سامهون اسٽيل ملز ۾ بدعنوانيءَ جو مثال موجود آهي ۽ اسٽاڪ مارڪيٽ جي ڪريش ۽ لينڊ مافيا جا مسئلا آهن ۽ ڪوبه انهن جي تحقيقات ڪونه ڪري رهيو آهي، ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل موجب هن جي دور ۾ ڪرپشن وڌي آهي، گهٽ ناهي ٿي.

سوال: هن کي توهان ڪيئن منهن ڏينداٿو؟ ائين جيئن هو توهان کي منهن ڏئي رهيو آهي؟

بينظير ڀٽو: نه مان انتقام پسنديءَ ۾ يقين نٿي رکان، ڏينهن ۾ 24 ڪلاڪ هوندا آهن، انهن ڪلاڪن ۾ توهان سٺا ڪم ڪريو يا وري انتقام وٺو. مون وٽ انتقام وٺڻ لاءِ وقت ناهي. باقي مون سان ڪهڙو سلوڪ روا رکيو ويو آهي اهو هن وقت تي ڇڏي ڏيو. هي ان تي ڇڏيل آهي ته هو اليڪشن دوران مون سان ڪهڙو سلوڪ روا رکي ٿو.

سوال: بهرحال ائين لڳي ٿو ته توهان اليڪشن جي حوالي کان مطمئن آهيو ته اهي ٿي رهيون آهن؟

بينظير ڀٽو: اليڪشن ضرور ٿينديون پر ڌانڌليءَ کان پاڪ ۽ منصفاڻيون چونڊون ٿين. اهي مسئلا موجود آهن ته عوام انهن کي قبول ڪري يا وري يوڪرائين، نيپال، لبنان وانگر روڊن تي اچي وڃن ته اهي چونڊون صحيح نه ٿيون آهن ۽ آئون چوڻ چاهيان ٿي ته هنن چونڊن ۾ جيڪڏهن ڪا گڙٻڙ ڪئي وئي ته پوءِ عوام روڊن ۽ رستن تي نڪري ايندو.

انٽرويو وٺندڙ: پربهو چاولا

Courtesy: India Today.



www.bhutto.org



# حڪومت پاور شيئرنگ لاءِ پئڪيج پيش ڪري...

اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو ڏيهه واپسي، پاڪستان ۾ سياسي چڪتاڻ ۽ جنرل پرويز مشرف سان امڪاني اقتدار ۾ ورڇ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون. اچو تہ ساڻس ڳالهيون ڪريون.

مارگريٽ وارنر: پاڪستان ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ ڪٽنجي ٿو، ان جو لاڳاپو ان ملڪ سان آهي، جتي آمريڪي دهشتگرديءَ خلاف جنگ وڙهي پئي وڃي ۽ سياسي طور تي وڏي گڙٻڙ آهي، پاڪستان ۾ جمهوريت پسند وڪيلن جي احتجاج، ڪاوڙيل، مذهبي انتهاپسندن ۽ ملڪ جي ٻين حصن ۾ گڙٻڙ ڏسڻ وٽان آهي. آمريڪا پاڪستان تي قبائلي علائقن ۾ طالبان ويڙهاڪن جي وڌڻ ۽ القاعده جي اڀرڻ تي تمام گهڻو پريشان آهي. جنرل پرويز مشرف انتهائي دٻاءُ هيٺ آهي. 10 ڏينهن اڳ هن ملڪ اندر ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ سوچيو ۽ ان سلسلي ۾ هن آمريڪا سان پڻ صلاح مشورو ڪيو. پاڪستان جو سياسي منظرنامو، هڪ غيريقينيءَ واري صورتحال جو شڪار اهي، ڊگهي عرصي کان بينظير ڀٽو سميت 2 اڳوڻا وزيراعظم جلاوطنيءَ واري زندگي گذاري رهيا آهن. بينظير ڀٽو مشرف سان ڊيل ذريعي اقتدار ۾ شريڪ ٿيڻ گهري ٿي، جڏهن تہ جنرل پرويز



www.bhutto.org

ڏانهن وڌڻ گهرن ٿا ته پوءِ اسان انهن جو ساٿ ڏينداسين ۽ سول حڪومت قائم ڪنداسين ۽ جنرل کي پڻ قبول ڪنداسين پر جيڪڏهن چونڊن ۾ اسان ڪاميابي ماڻي ته ان کي نتيجا قبول ڪرڻا پوندا، اهو ئي بحث ٿئي پيو، پر اسان وٽ ان کان وڏا مسئلا آهن، جنهن تي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي ۽ ملڪ ۾ آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون سڀ کان وڏو مسئلو آهي. آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون ڪرائڻ لاءِ ملڪ ۾ نگران حڪومت قائم ڪرڻي پوندي، جيڪا عام چونڊون ڪرائيندي. ان ڪانسواءِ مختلف سياسي پارٽين کي پڻ انهيءَ اليڪشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آماده ڪرڻو پوندو. نگران سيٽ اپ هڪ پوليس جيان هوندو، جيڪڏهن اها ووٽرن جي حقن جو تحفظ نه ڪندي ته ڌاندليون ٿينديون.

مارگريٽ وارنر: انهيءَ جو مطلب آهي ته توهان انتظار ڪري رهيا آهيو، جيئن اهي سمورا مسئلا حل ٿين، توهان کي ملاقات ڪئي ٻي هفتا ٿي ويا آهن، ڇا هن وقت تائين صورتحال واضح ناهي؟

بينظير ڀٽو: سرڪاري طور تي انهيءَ ملاقات کان بعد تصديق نه ڪئي وئي، پر اسان جا رابطا آهن، جنرل مشرف واعدو ڪيو ته هو ايندڙ چونڊن لاءِ تجويز ڪيل سڌارن تي غور ڪندو، پر هيئنر تائين انهن سڌارن تي عمل نه ٿيو آهي ۽ اهو پڻ طئي نه ٿيو آهي ته شفاف چونڊون ڪيئن ڪرايون وينديون. ان ڪري منهنجي پارٽيءَ ۾ ڪارڪن وڏيڪ ڳڻتيءَ جو شڪار آهن، اسان عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ گهرون ٿا ۽ پوءِ اهي چونڊون ڪڏهن به ٿين. اسان فوجي آمر کي پنهنجن شرطن تي محفوظ رستو ڏيڻ نه ٿا چاهيون پر اسان ڪمپرومائيز چاهيون ٿا جيئن ملڪ اندر مضبوط جمهوري ۽ سول حڪومت قائم ٿي سگهي.

مارگريٽ وارنر: ملڪ ۾ توهان تي تنقيد ڪئي پئي وڃي ۽ اهو پڻ چيو پيو وڃي ته ماضيءَ ۾ جنهن شخص کي توهان غيرجمهوري سڏيو آهي ۽ جنهن جا انتهاپسندن سان لاڳاپا هئا، ان وٽ پاڻ کي وڪڻي رهيا آهيو، ان بابت توهان ڇا چوندا؟

بينظير ڀٽو: اسان پاڻ کي ڪڏهن به نه وڪڻنداسين، پاڪستان پيپلزپارٽي فوج کي سياست مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ جدوجهد ڪندي رهي آهي ۽ اها حقيقت آهي ته جنرل پرويز مشرف فوجي ورديءَ لاءِ سول ۽ جمهوري حڪومت جي وچ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون آهن، ان ڪري اسان چاهيون ٿا ته جنرل اقتدار کان الڳ ٿئي. اسان اهو به چاهيون ٿا ته هو وردي لاهي ۽ ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته اسان آزاد ۽ منصفاڻيون چونڊون چاهيون ٿا. 2002ع جون چونڊون ڪنهن به صورت ۾ منصفاڻيون نه هيون، ان ڪري اسان چاهيون ٿا ته آزاد ۽ منصفاڻين چونڊن لاءِ سڌارن تي عمل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون وڃن، اسان اهو به چاهيون ٿا ته ٽيون ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ تي لاڳو



www.bhutto.org

پاڪستان لاءِ اها ڳالهه اهم آهي تہ اهو پنهنجن سرحدن جو تحفظ ڪري ۽ ڪنهن بہ پرڏيهي مداخلت کي برداشت نہ ڪري.

مارگريٽ وارنر: بش انتظاميا جا ڪجهہ عملدار جن ۾ وائيٽ هائوس جو ترجمان پڻ شامل آهي، ان تجويز ڏني تہ جيڪڏهن پاڪستان قبائلي علائقن ۾ القاعده خلاف ڪارروائي نہ ڪئي تہ هو ڪارروائي ڪندا، ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟

بينظير ڀٽو: مان ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن غيرآئيني ۽ پرڏيهي قدم کي برداشت نہ ڪنديس، جنهن سان پاڪستان جو استحڪام ۽ اقتدار اعليٰ مجروح ٿئي، ساڳئي طرح سان آئون اها ڳالهہ مڃان ٿي تہ جيستائين پاڪستان ۾ مستحڪم حڪومت ناهي، ملڪ خلاف اهڙن هوائي حملن جو خطرو برقرار رهندو، ان ڪري مان اهميت ان ڳالهہ کي ڏيان ٿي تہ قبائلي علائقن تي حڪمران ڪنٽرول ڪن، قبائلي علائقا پاڪستان جو حصو آهن ۽ جيڪڏهن پاڪستان ۽ اسان جو قانون اوستائين نٿو پهچي ۽ مختلف امن ناهہ ۽ جنگبنديون نہ ٿيون ڪيون وڃن تہ پوءِ ٻاهريون قوتون ان مان فائدو وٺنديون، مان پاڪستاني شهريءَ جي حيثيت ۾ تمام گهڻي پريشان آهيان، ڇاڪاڻ تہ ملڪ جون سرحدون خطري ۾ آهن، مان اهو بہ سمجهان ٿي تہ انتهاپسند پاڪستان جي سرحدن جو ڪنٽرول سنڀالي رهيا آهن، اهو نہ صرف آمريڪا جو مسئلو آهي، پر مان ان پريشانيءَ کي چڱيءَ ريت سمجهان ٿي ۽ اهو پاڪستان لاءِ پڻ خطرناڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ هن سان ملڪ اندر گهرو ويڙهہ جهڙي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي. اسان کي هر صورت ۾ دهشتگردن ۽ انتهاپسندن کي روڪڻو پوندو، ٻي صورت ۾ انهن جو اثر رسوخ وڌي ويندو.

مارگريٽ وارنر: توهان جنرل پرويز مشرف کي ڪيترو وقت ڏيندؤ ۽ ان ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهچندؤ تہ هو توهان سان ڳالهين ڪرڻ ۾ سنجيده نہ آهن؟

بينظير ڀٽو: مان جنرل پرويز مشرف کي اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪي آهيان تہ منهنجي پارٽيءَ جا ڪارڪن تمام گهڻا پريشان آهن، ڇاڪاڻ تہ چونڊون ويجهيون اچي ويون آهن ۽ هلندڙ مهيني جي آخر تائين اسان کي صورتحال کان آگاهہ ڪيو وڃي. اسان کي اقتدار ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پئڪيج ڏنو وڃي ۽ ان جو اعلان ڪيو وڃي. جيڪڏهن هو پئڪيج ڏين ٿا تہ پوءِ اسان طئي ٿيل فارمولي تي عمل ڪنداسين.

مارگريٽ وارنر: جيڪڏهن حڪمران توهانکي پئڪيج نٿا ڏين تہ ڇا ڪندؤ؟

بينظير ڀٽو: جيڪڏهن حڪمران پئڪيج نٿا ڏين تہ ان جي باوجود مان پاڪستان وينديس ۽ پنهنجي پارٽيءَ لاءِ چونڊ مهم هلائيندس ۽ اها



www.bhutto.org

ڪوشش ڪنديس تہ ملڪ جي ماڊريٽ سياسي پارٽين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيان. مون کي اميد آهي تہ ڳالهيون ناڪام نہ ٿينديون پر ڳالهين ڪانپوءِ اسان هاڻ گهڻو عرصو انتظار نہ ڪنداسين، ڇاڪاڻ تہ ان سان اسان جي پارٽيءَ کي نقصان پهچي رهيو آهي.

مارگريٽ وارنر: جيڪڏهن جنرل پرويز مشرف ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي تہ پوءِ ڇا ڪندؤ؟

بينظير ڀٽو: جنرل پرويز مشرف منهنجي خيال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو، پر عدالتون ان کي ناڪام ڪري ڇڏينديون، ملڪ ۾ فوجي حڪمراني ۽ ايمرجنسي صورتحال کي وڌيڪ منجهائينديون، ان سان وڏي پيماني تي عدم استحڪام پيدا ٿيندو ۽ مان اهو سمجهان ٿي تہ اهو پاڪستان جي استحڪام لاءِ خطرناڪ قدم هوندو، ان کان بهتر آهي تہ ملڪ ۾ تڪرار پيدا ڪرڻ بدران جمهوريت بحال ڪئي وڃي ۽ اهڙي قدم سان حڪومت سان عوام ۽ عدالتن جو ٽڪراءُ پڻ ٿي سگهي ٿو.

مارگريٽ وارنر: ڊيل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ توهان پاڪستان وڃو ۽ توهان کي گرفتار ڪيو وڃي تہ ڇا ڪندؤ؟

بينظير ڀٽو: رياست هميشہ منهنجي ڏيهہ واپسيءَ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون ۽ گرفتاريءَ جون ڳالهيون ڪيون پر اسان جون عدالتون چيف جسٽس جي بحاليءَ ڪانپوءِ آزاد ۽ طاقتور ٿي ويون آهن، مون کي يقين آهي تہ منهنجي ڏيهہ واپسيءَ ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ وڌي ويندي.

مارگريٽ وارنر: جيڪڏهن مشرف سختيءَ کان ڪم ورتو ۽ هن موجوده پارليامينٽ مان پاڻ کي وردي ۾ چونڊرايو تہ پوءِ ڇا ڪندؤ؟

بينظير ڀٽو: جنرل پرويز مشرف جيڪڏهن سخت قدم کنيا تہ اهي ان جي مفاد ۾ نہ هوندا. هن ملڪ جي اعليٰ عدالت جي چيف جسٽس کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو اها جنگ هارائي ويو. جيڪڏهن هو ايندڙ ڪجهہ هفتن دوران پاڻ کي چونڊرائڻ لاءِ سختيءَ کان ڪم وٺندو تہ ، سياسي پارٽين خلاف قدم کڻندو، نگران حڪومت قائم نہ ڪندو ۽ سختيءَ کان ڪم وٺندو، ممڪن آهي تہ هو ٻيهر جنگ هارائي ويندو. هن لاءِ لازمي آهي تہ هو عوام کي ٻڌائي تہ هو ملڪ اندر جمهوري عمل ڏسڻ گهري ٿو ۽ صدر پنهنجا ڪجهہ اختيار پارليامينٽ حوالي ڪري، ان سان ملڪ اندر نئون سياسي ڪلچر ۽ اتفاق راءِ جنم وٺندو.

مارگريٽ وارنر: اسان سان گڏ رهڻ لاءِ اوهان جي مهرباني.

بينظير ڀٽو: توهان جي مهرباني.

*(آمريڪي ٽيليويزن*
*پي بي سي کي ڏنل انٽرويو)*



www.bhutto.org



# اِسلام جي باري ۾...

## 24 اَپريل 2007 تي ڪائو يوڪرين ۾ ڏنل ليڪچر

اڄ آئون اوهانجي سامهون نہ صرف پنهنجي قوم جي پهرين عورت وزير اعظم جي حيثيت ۾ بيٺي آهيان پر مان مخالف ڌر جي اڳواڻ هڪ گهرواري، زال ذات ۽ ماءُ جي حيثيت ۾ بہ اوهانجي سامهون آهيان، آئون هڪڙي اهڙي عورت جي روپ ۾ بہ اوهانجي سامهون آهيان جنهنکي پنهنجي وراثت،ميراث ۾ مليل شاندار ثقافت ۽ مذهب تي فخر آهي، ۽ اڄ انهيءَ موقعي جو فائدو وٺندي خاص طور تي اوهان منجهان انهن سان مخاطب ٿيندس جيڪي مسلمان ناهن ۽ اوهانکي اِهو پڻ ٻڌائيندس تہ منهنجي نظر ۾ اسلام ڪيئن آهي.

اسلام مونکي اِهو سيکاريو تہ خدا جي نظر ۾ عورت ۽ مرد ٻيئي برابريءَ واري حيثيت رکن ٿا ۽ منهنجي مذهب جي اِنهيءَ نياپي مونکي مضبوط طاقتور ۽ بهادر بڻايو.رسول پاڪ صلي الله عليه وآلہِ وسلم جي گهرواري بيبي خديجه رضہ بہ هڪڙي مالدار ۽ ڪامياب ڪاروباري



www.bhutto.org



# جمهوريت جي رستي تي

## مڊل ايسٽ انسٽيٽيوٽ واشنگٽن ڊي سي
## 25 سيپٽمبر 2007ع تي ڪيل تقرير

منهنجي ملڪ جي لاءِ هي سال مشڪل، غير متوقع آهي، جنهن دوران هن ملڪ جي تاريخ ۾ لکجي پيئي ۽ هي هڪڙو نج فيصلو ڪندڙ موڙ به آهي ته جمهوريت ۽ آمريت وچ ۾ ترقي پسندي ۽ بنياد پرستيءَ بابت به اهم نشانِ راهه آهي، جيڪو پاڪستان جي آئيندي متعلق آهي، جنهن ۾ هٿيارَبند ۽ بنياد پرست قوتون به ڳالهيون لائق آهن، جيڪي پاڪستان سميت پوري خطي جي وجود لاءِ خطرو آهن.

تاريخ ۾ چار ڀيرا واشنگٽن مِلٽري ڊڪٽيٽرشپ جو پاسو ڪنيو آهي، پهريان ٽي ڀيرا ته يونائيٽيڊ اسٽيٽ پنهنجي دلچسپيءَ خاطر ڪميونزم کي ڌڪڻ لاءِ ائين ڪيو ۽ اڄڪلهه وري اسلام آباد، واشنگٽن جي ٿي مدد ساڻ مزا ماڻي رهيو آهي، جو ته جنرل مشرف جي فوجي راڄ ۾ هن دنيا ۽ خطي



www.bhutto.org



# سنڌ ۾ احساس محرومي!!!

## 1987ع ۾ سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن پاران ڪوئٽيل سيمينار ۾ ڪيل تقرير

جڏهن اسان سنڌ ۾ قومي مسئلي جو ذڪر ڪندا آهيون ته اصل ۾ اسان ان جو ڪهڙو مطلب وٺندا آهيون، ان مسئلي جا ڪهڙا اهم پاسا آهن، جيڪي ڏيان طلب آهن.

سنڌ ۾ قومي شعور ۽ صوبي ۾ نون لاڙن ۽ نئين فلسفي جي روشنيءَ ۾ سنڌي عوام برادريءَ جي تصور جي تعريف پوءِ ڪيئن ڪري سگهندو؟

هيءُ مسئلو سنڌي قومپرستن بلڪ سنڌ جي عليحدگي پسندن ڪان ملڪي سالميت کي خطرو آهي، مان انهن پنهي نڪتن تي وضاحت سان روشني وجهنديس.

سنڌي قومپرستي ڇا هي؟ اها ڪيئن پيدا ٿي، سنڌ جي سماجي قدرن ۾



www.bhutto.org

آهن ۽ وسيلن تي هندستان کان ايندڙ مهاجرن ۽ ٻين صوبن کان ايندڙ ماڻهن قبضو ڪري رکيو آهي.

سنڌ ۾ نين بئراجن جي علائقن واريون زمينون نوڪر شاهيءَ جي ماڻهن ۽ ٻين صوبن جي انهن ماڻهن کي ڏنيون ويون آهن، جيڪي منگلا ۽ تربيلا ڊيمن ٺهڻ سبب بيدخل ڪيا ويا هئا ۽ فوجي آفيسرن کي پڻ زمينون الاٽ ڪيون ويون آهن ۽ اهو عمل ان وقت ٿيو آهي جڏهن سنڌ ۾ بي زمين هارين جو انگ اڳڪٿيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي سندس اهميت جي لحاظ کان تسليم نہ ڪيو ويو، جنهن ڪارڻ تاريخي حيثيت ۽ سنڌي ثقافت جي حقيقي ترجماني نٿي ٿي سگهي.

هيءَ سوچ بہ موجود آهي تہ ون يونٽ جي نظام ۽ غيرسنڌي عوام جي سنڌ جي شهرن ۾ گهڻائيءَ سان سنڌي عوام ۾ احساس محرومي ۽ سياست ۾ اقليت ۾ هئڻ جو احساس وڌي ويو. اهڙيءَ ريت تعليم، روزگار ۽ سرڪاري نوڪريون نہ ملڻ جا مسئلا سامهون آهن.

ملڪ جي مختلف حصن ۾ اڻبرابري جي بنيادن تي ٿيندڙ ترقي ۽ اڻ چونڊيل سياسي نظام سبب اوڀر پاڪستان الڳ ٿي ويو. ون يونٽ ٽوڙڻ جو فيصلو بہ دير سان ٿيو. ان کانپوءِ جمهوريت جي اچڻ سان اها اميد هئي تہ حالتون تبديل ٿي وينديون. ان هوندي بہ پيپلزپارٽي جي حڪومت آڏو تمام گهڻائي مسئلا هئا، ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ وقت انتهائي محدود هيو. هنن سنڌ ۽ ٻين صوبن ۾ اهڙا سماجي ۽ ثقافتي منصوبا تيار ڪيا هئا، جن سان آمدنيءَ ۾ اضافو ممڪن ٿيو، جنهن سان مڪمل هڪ جهڙائي ۽ هڪ مضبوط قومي سڃاڻپ پيدا ٿي. اها سڃاڻپ جنهن ۾ مختلف عنصر، روايتون، ثقافتون ۽ وفاقي وحدتون گڏيل ۽ متحد قوم جي شڪل ۾ سامهون آيون. فوجي بغاوت متحد قوم کي وري ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ گذريل 30 سالن کان موجود مختلف مسئلا ٻيهر پيدا ڪيا ويا، چونڊيل جمهوري وزيراعظم کي قتل ڪيو ويو، جنهن جو واسطو سنڌ سان هو، جنهن کي ٽن ٻين صوبن آزاد ڪري ڇڏيو هو، ان جي لاڏاڻي سان هاڻوڪي حڪومت کي اها آزادي ملي وئي تہ اها تيزيءَ سان سنڌ جون زمينون فوجي آفيسرن کي الاٽ ڪري . انهيءَ ئي دور ۾ سنڌي گريجوئيٽن جي بيروزگاري ۾ اضافو ٿيو، انهن سڀني شين 1983ع ۽ 1986ع ۾ هڪ طاقتور تحريڪ کي جنم ڏنو. سنڌي قوميت جو مسئلو بہ انهن سببن ڪري ئي شدت اختيار ڪري ويو.

اها صورتحال 1950ع کان سنڌي سياست ۾ شامل عليحدگي پسنديءَ واري عنصر کان الڳ آهي، عليحدگي پسند تحريڪ جنهن کي صوبي جي ڪجهہ هزار ماڻهن جي حمايت حاصل آهي، اها انهن ئي مسئلن کي



www.bhutto.org

پنهنجي سياست جو بنياد بڻائيندي رهي آهي، جيڪي سنڌي قومپرستيءَ جا بنياد آهن پر هڪ تمام اهم ۽ بنيادي فرق پڻ موجود هيو. قومپرست پاڪستان اندر سنڌ کي ان جو جائز مقام ڏيارڻ چاهين ٿا، جڏهن ته عليحدگي پسند سنڌ کي پاڪستان کان ڌار ڪري پارت ۾ شامل ڪرائڻ جا خواهشمند آهن.

حقيقت جي ابتڙ عليحدگي پسند نه رڳو پنجابين ۽ پٺاڻن کي پنهنجو دشمن سمجهن ٿا پر پارت کان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيل مهاجرن کي به پنهنجو دشمن ڪري ڇاڻين ٿا. 1970ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ نون ۽ پراڻن سنڌين جي اتحاد جو نعرو لڳايو هو پر اهي نون سنڌين لاءِ سنڌ جي سياست ۾ ڪوبه مقام طئي نه ڪري سگهيا.

سنڌي قوميت جي اوچتي مضبوطيءَ سان سنڌ جي شهرن ۾ ردعمل شروع ٿي ويو ۽ لساني گروپ وجود ۾ اچڻ لڳا. مهاجر سياسي گروپن ۽ سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي ۽ پختون آبادڪارن معاشي ميدان ۾ پنهنجي حصي ميرائڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني انهن ۾ به اهو احساس اجاگر ٿي چڪو هو ته سندن حق لتاڙجي رهيا آهن.

انهن نالي ماتر اقليتي گروپن پنهنجي سياسي منشور ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪردار جو تعين نه ڪيو. عليحدگي پسندن ۽ ڪجهه لساني گروپن جي ڳٺ جوڙ انهن جي حقيقي خيالن جو قدرتي اولڙو آهي، انهن منجهان هر هڪ گروهه مستقبل جي سنڌ جي ترقي ۾ آباديءَ جي ڪنهن نه ڪنهن حصي کي نظرانداز ڪرڻ چاهي ٿو.

تنهنڪري سنڌي سياست ۾ ٽي مختلف عنصر وجود ۾ اچي چڪا آهن. قومپرست، عليحدگي پسند ۽ لساني گروهه گڏوگڏ پيدا ٿيا، باوجود جو اهي سڀئي سنڌ جي سماجي ۽ معاشي احساس محرومي جي نشاندهي ڪندا رهن ٿا. هر هڪ فيڊريشن طرفان گروپن يا ذيلي گروپن خلاف ٿيندڙ اپائن جو مختلف طريقن سان ردعمل جو اظهار ٿيندو رهي ٿو.

ماضيءَ ۾ ڪالونائيزيشن واري دؤر ۾ توهان "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جو ذڪر ضرور پڙهو هوندو. مارشل لا حڪومت، قومپرستي، عليحدگي پسند سياست ۽ لساني گروپن جي سياست کي هٿي ڏياري، ساڳي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي پاليسيءَ تي ڪاربند آهي.

۽ انهيءَ موقعي تي اِها ڳالهه به ڏاڍي اهم آهي ته اسان اهو سمجهي سگهئون ته اهي سموريون سياسي تحريڪون هڪ چونڊيل وزيراعظم، جنهن کي سنڌ جي عوام جو اعتماد حاصل هيو، انجي قتل ڪانپوءِ هڪ غيرجمهوري، اڻ چونڊيل آمراڻي نظام جي وجود ۾ اچڻ سان پيدا ٿيون ،ان جي غيرانساني قتل ڪانپوءِ ان ۽ ان جي خاندان تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ کي سنڌي ماڻهن پنهنجي مٿان ظلم ۽ ڏاڍ محسوس ڪيو.



www.bhutto.org

تنازعن سان هيءَ قيادت هم آهنگ رهي. حڪومت ڳرا ٽيڪس لاڳو ڪيا، پر ان سان داخلي طور تي روينيو ۾ واڌارو نه ٿيو بلڪ زندگيءَ جي معيار ۾ گهٽتائي ٿي.

آمريڪا جي وزيرخارجه ڪولن پاول جي دوري سان آمريڪا ڪي هيءَ موقعو ملندو ته هو پاڪستاني عوام کي دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ شامل ڪري سگهي ۽ پاڪستاني عوام جي بنيادي ۽ جمهوري حق جي حمايت ڪري عسڪريت پسندي قوتن کي پٺ سان لڳائي سگهجي. آمريڪي پرڏيهي وزير کي کپي ته:

(1) جنرل پرويز مشرف کي متنازعه آئيني ترميمون واپس وٺڻ لاءِ چوي جيڪي مقننه (پارليامينٽ) کان اختيار وٺي اڪيلي فرد جي هٿن ۾ ڏين ٿيون. اتفاق راءِ ۽ برداشت لاءِ تڪثيري معاشري ۾ چيڪ اينڊ بيلنس هجڻ ضروري آهي. پاڪستان جي صدارتي آمراڻي اختيارن کي ڏسندي جنهن ۾ چونڊن ڪانسواءِ وزيراعظم، پارليامينٽ ۽ ڪابينا جي هڪ طرفي برطرفي پڻ شامل آهي، چئي سگهجي ٿو ته هي انتهاپسنديءَ جو نسخو آهي.

2- عالمي اليڪشن مانيٽرنگ فورس جوڙي جيڪو هن ڳالهه جي پڪ ڏياري ته 10 آڪٽوبر تي پاڪستان ۾ ٿيندڙ چونڊون سڀني جماعتن ۽ اميدوارن لاءِ صاف ۽ شفاف هجن. جنرل پرويز مشرف جا آفيسر ذاتي طور تي مخالف ڌر جي اميدوارن کي خوفزده ڪري رهيا آهن ۽ نيون غيرحاضر باش قوتون استعمال ڪري رهيا آهن ۽ ان کي اثرائتو قرار ڏئي ماڻهن کي Popular choices کان محروم ڪري رهيا آهن.

3- جنرل پرويز مشرف تي دٻاءُ وجهڻ گهرجي ته سياسي قيدين کي آزاد ۽ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاريندڙ سياسي قيدين کي موٽڻ جي اجازت ڏئي، جن کي بدنام ڪيو ويو آهي ۽ سياسي مقصدن لاءِ (پروپيگنڊا) جو نشانو بڻايو ويو آهي. نام نهاد احتساب جو قانون ڍونگ آهي، اهي ماڻهو جيڪي مشرف جا ساٿي آهن، اهي آزاد آهن پوءِ اهي پلي ڏوهاري ڇو نه هجن. جڏهن ته مخالفن کي عدالت طرفان بري ڪرڻ باوجود جيل ۾ رکيو پيو وڃي ۽ انهن تي وڏيڪ الزام مڙهيا پيا وڃن.

آمريڪي پرڏيهي وزير ڪولن پاول هيءَ ڳالهه واضح ڪري سگهي ٿو ته آمريڪا مستقبل جي آمريڪي امداد، عالمي قرض ۽ قرضن ۾ رليف شفاف ۽ عالمي سطح تي تصديق ٿيل چونڊن ڪرائڻ سان مشروط ڪري سگهي ٿو، جنهن سان پاڪستاني عوام جي بنيادي انساني حقن جي پاسداري ٿئي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ هڪ نئين مرحلي ۾ شروع ٿي وئي آهي. پاڪستان ۾ اهڙيون حالتون نه آهن جيڪي دهشتگردي کي هٿي ڏيڻ لاءِ بنياد مهيا ڪري سگهن. ايندڙ ڪيترن ئي سالن تائين هيءَ صورتحال برقرار رهندي ايستائين جو مغرب ۽ خاص طور تي آمريڪا اهڙو معاشرو



www.bhutto.org

جوڙڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري جنهن جو بنياد تحمل ۽ جمهوريت تي هجي. ماضيءَ ۾ ۽ هينئر بہ جڏهن ڪين پنهنجي مرضيءَ مطابق راءِ جي آزاديءَ سان اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو پاڪستان ۾ اهڙي حڪومت چونڊبيندا جيڪا اميد جو ڏيئو ٻاريندي.

آمريڪا کي پاڪستان ۾ جمهوريت کان پاسو ڪرڻ کان باز رهڻ گهرجي. دهشتگردن ۽ طالبان جي پوائتي خواب جيڪا دنيا ۾ تباهي آندي هئي اها پيهر تيڻ جي موڪل نہ ڏيڻ گهرجي.

ڏکڻ ايشيا ۽ آمريڪا جي سلامتيءَ لاءِ آمريڪي پرڏيهي وزير پاڪستاني ماڻهن جي ان سلسلي ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيس ضرور مدد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هو 10 آڪٽوبر تي پنهنجي مقدر تي آزاديءَ سان عمل پيرا رهن.



www.bhutto.org

مونکي جنين ماريو، سڄاڻم ڀاڻا،
لوهو لڳن، ته ڪين، سندو مڙئي سانڻا
داروءَ جا ڏاڻا ڏنم موٽ هُئن سين.



www.bhutto.org



www.bhutto.org

